# جذباتي ٿيڻ جا نقصان

16-December-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

16 ڊسمبر،2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات جو بيان

# جذباتي ٿيڻ جا نقصان

هن بيان ۾ اوهان هيءَ ڄاڻ حاصل ڪندؤ

✿...غزوهٔ بدر مان ملندڙ هڪ دَرس

✿...اسان کي جذبات ڇو عطا ڪيا ويا آهن...؟

✿...جذباتيت جو نتيجو: پڇتاءُ

✿...گندن جذبن ڪفر تائين پهچائي ڇڏيو

✿...جذبات تي قابُو رکڻ بہ هڪ ذهانت آهي

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بيانات دعوتِ اسلامی)
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، ان شَآءَ اللّٰهُ الڪَرِيم! شيطان کان بہ حفاظت ٿيندي، گُنَاهن کان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪيو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري ونو! ان جا 2 فائدا ٿيندا: ۞ پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو ۞ مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪرڻ جو ٻيو فائدو اهو ٿيندو تہ اهي سڀ ڪم (يعني مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ وغيره) بہ جائز ٿي ويندا.**

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪي ڪا اَهم حاجت پيش اچي، هو مون تي ڪثرَت سان درود شريف پڙهي ڇوتہ درودِ پاڪ ڏُک، دَرد ۽ مصيبتن کي پري ڪري ٿو ۽ رِزق ۾ اِضَافو ڪري ٿو.**(1)

ہے سب دعاؤں سے بڑھ کر دُعا درود و سلام | کہ رفع کرتا ہے ہر اِک بَلا دُرود و سلام

1 ... بُستان الواعظين، صفحہ: 241۔

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سني نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان ٻه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلمِ دِين سکندس ۞ پورو بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ تَوَجُّه سان ٻڌندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غزوه بدر مان ملندڙ سبق

اللهُ رَحْمٰن و رحيم پنهنجي پاڪيزه ڪلام، قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ (پاره: 10، سورهٔ انفال: 47) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان وڏائي ڪندي ۽ ماڻهن کي ڏيکاءُ ڪندي نڪتا. |

هن آيت سڳوري ۾ غزوهٔ بدر مان حاصِل ٿيندڙ هڪ اَهم سبق بيان ڪيو ويو آهي. غزوه بدر اسلامي تاريخ جو اَهم ترين واقعو آهي، تاريخِ اسلام ۾ اهو پهريون موقعو هو جو جڏهن حق ۽ باطِل باقاعده آمهون سامهون ٿيا، بدر جي

[1]... جامع صغير، صفحہ: 81، حديث: 1284۔

جنگ ۾ الله پاڪ مسلمانن کي عظيمُ الشّان فتح عطا فرمائي ۽ ڪافِرن کي تاريخ جي بدترين شڪست کي منهن ڏيڻو پيو.

## ڪافِرن جي اَفعَال و ڪردار مان عِبرت حاصل ڪيو...!

غزوه بدر جي موقعي تي مڪي جي ڪافرن هڪ عِبرتناڪ غلطي ڪئي هئي، هاڻي اسان سيپاري: 10، سورت اَنفال جي آيت: 47 ٻڌي، هن آيت سڳوري ۾ ڪافرن جي هن غلطي جو بيان آهي ۽ مَا شَآءَ الله! قرآنِ ڪريم جو حڪمت ۽ نصيحت ڀريو، پيارو پيارو اَنداز ڏسو! غلطي ڪافِرن ڪئي هئي، الله پاڪ انهن جي غلطي کي بيان ڪري مسلمانن کي حڪم ڏنو ته ڪافِرن جي هن غلطي مان عِبرت حاصل ڪيو...! ۽ توهان ڪڏهن اهڙي غلطي نه ڪجو. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت مان خبر پئي: مؤمن کي گهرجي ته ڪافِرن جي بُري ڪردار ۾ به غور ڪري، ڇو؟ انهن جي پويان هلڻ جي لاءِ نه، انهن جي تهذيب، انهن جا طور طريقا اپنائڻ جي لاءِ نه، بلڪ انهن جي ڪردار مان عِبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ، انهن کان بچڻ ۽ پري ڀڄڻ جي لاءِ.[1]

اپنی ملت پر قیاس اَقوامِ مغرب سے نہ کر　　　خاص ہے ترکیب میں قومِ رسولِ ہاشمی

وضاحت: يعني اسان مسلمان آهيون، اسان رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمَّت آهيون، اسان جا طور طريقا، اسان جو طرزِ زِندگي جُدا آهي، اسان هر حال ۾ قرآنِ ڪريم ۽ سُنَّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا پابند آهيون، لهٰذا پاڻ کي ڪافِر قومن تي قياس نه ڪيو...!

ها! ڪافِرن جي اَفعَال و ڪردار ۾ غور ڪيو! اُنهن مان عِبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ، اُنهن کان بچڻ ۽ پري ڀڄڻ جي لاءِ. الله پاڪ اسان سڀني کي

---

[1]... تفسيرنعيمی، پاره: 10، سورهٔ انفال، زيرِ آيت: 47، جلد: 10، صفحہ: 32۔

نِگاهِ عبرت عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

## مکي جي ڪافرن جي عِبرتناڪ غلطي جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! مکي جي ڪافرن جي اها عبرتناڪ غلطي جنهن مان عبرت حاصل ڪرڻ جو الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو آهي، اهو اَصل ۾ هڪ جذباتي فيصلو هو جيڪو ڪافرن غزوه بدر جي موقعي تي ڪيو هو. مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: مکي جي ڪافرن جو هڪ تجارتي قافلو مُلڪ شام مان مڪهٔ مڪرمہ اچي رهيو هو، ڪافر جيڪي لشڪر وٺي مڪهٔ مڪرمہ کان روانا ٿيا هئا، هن ۾ انهن جو مقصد ميدانِ بدر ۾ وڃڻ نہ هو، اَصل ۾ هو پنهنجي تجارتي قافلي جي حِفَاظت جي لاءِ روانا ٿيا هئا پر مُعَامَلو اهو ٿيو جو انهن جو اهو تجارتي قافلو جيڪو مُلڪ شام مان اچي رهيو هو، اهو عام راهہ کان هٽي سمنڊ ڪناري وٽان لنگهندو حفاظت سان مڪهٔ مڪرمہ پهچي ويو. هوڏانهن ڪافرن جو لشڪر جيڪو ان قافلي جي حِفَاظت جي لاءِ نڪتو هو، اهو جڏهن جُحفَه نالي مقام تي پهتو تہ تجارتي قافلي طرفان هڪ قاصِد انهن وٽ اچي چيائين: توهان جو تجارتي قافلو حفاظت سان مکي پاڪ پهچي چُڪو آهي، لهٰذا توهان سڀ واپس موٽي اچو...! ان موقعي تي ابوجهل آڪڙجي چيائين: نہ... هاڻي اسان واپس نہ وينداسين، اسان بهادر ماڻهو آهيون، اسان ميدانِ بدر ۾ وڃي ٽي ڏينهن ترسي اُٺ ذبح ڪنداسين، ... [see note]

پهچي ئي ساهہ پٽينداسين، اڄڪلهہ اتي ميلو لڳل آهي، سڄي عرب جا ماڻهو گڏ آهن، اسان اتي پنهنجي بهادري ڏيکارينداسين، مسلمانن جو نالو هميشہ لاءِ مٽائي ڇڏينداسين (معاذ الله!)، پوءِ اهو سڀ ڪرڻ کان بعد اتي شراب پينداسين، رنڊيون اسان سان گڏ آهن، انهن کي نچائي جشن ملهائينداسين.[1]

اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله! اهو هو ابوجهل جو **جذباتي فيصلو**، ان فيصلي جي بنياد

[1]... تفسير بيضاوى مع حاشيہ شيخ زاده، پاره: 10، سورهٔ اَنْفال، زيرِ آيت: 47، جلد: 4، صفحہ: 400 ماخوذًا۔

تي اهي ماڻهو ميدانِ بدر ۾ پهتا ۽ عبرتناڪ شڪست کاڌي. انهيءَ غلط ۽ جذباتي فيصلي جو بيان ڪري الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِیْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِیَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان وڏائي ڪندي ۽ ماڻهن کي ڏيکاءُ ڪندي نڪتا. |

يعني **اي مسلمانو!** توهان مڪي جي ڪافرن جيان آڪڙجڻ ۽ ڏيکاءُ ڪرڻ وارا نہ ٿيو...!! بلڪ تقويٰ اِختيار ڪيو! اِخلاص اپنايو! صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رضا جا طلب گار رهو!

## آيت سڳوري ۾ موجود لفظِ بَطَرًا جي وَضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت سڳوري ۾ لفظ استعمال ٿيو آهي: بَطَرًا. اهو لفظ غور لائق آهي. امام راغب اَصفهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن لفظ جي معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا: اَلْبَطَرُ دَهَشٌ بَطَر مَدهوشِي جي هڪ ڪيفيت جو نالو آهي. ڪهڙي مدهوشي؟ يَعْتَرِی الْاِنسَانَ مِنْ سُوْءِ اِحْتِمَالِ النِّعْمَةِ يعني اها مدهوشي جي ڪيفيت جيڪا نعمت بابت بُرو گمان ڪرڻ جي ڪري طاري ٿيندي آهي.(1)

مثال طور ۞ ڪو مالدار آهي، اهو سمجهي وٺي تہ مان مال ۽ دولت جي ذريعي سڀ ڪجهہ حاصِل ڪري سگهان ٿو ۞ جنهن کي طاقت جي نعمت ملي آهي، اهو سمجهي تہ مان طاقتور آهيان، ڪنهن ۾ همَّت آهي جو مون کي نقصان پهچائي سگهي؟ ۞ ڪو ذهين طالبِ عِلم آهي، اهو هي گمان ڪري تہ مان تہ ذهين آهيان، مون کي سبق ياد ڪرڻ جي، محنت ڪرڻ جي ضرورت

1...مفردات الفاظ القرآن، ڪتاب: الباء، صفحہ: 61۔

ناهي.

ايئن جڏهن انسان نعمت بابت بُرو گمان ڪري ٿو ته اهو گمان ان جي شُعُور کي ڍڪي ڇڏي ٿو، ان وقت اُن تي غنودگي جي هڪ ڪيفيت طاري ٿيندي آهي، ان جا هٿ، پير، جسم جا سمورا عضوا پُوري طرح ڪم ڪري رهيا هوندا آهن پر ان جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ڇڻ سمهي پوندي آهي، هو پنهنجي طَور تي سمجهي رهيو هوندو آهي ته مان وڏي عقل مندي سان سوچي سمجهي فيصلو ڪري رهيو آهيان پر ان وقت اُن جي شُعُور تي، ان جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت تي جذبات جو، نعمت بابت بُري گمان جو قبضو هوندو آهي، هي اها غنودگي جي، مَدهوشِي جي ڪيفيت آهي جنهن کي عربي ۾ بَطَر چيو ويندو آهي ۽ اها ئي اها ڪيفيت آهي جيڪا جديد عِلمِ نفسيات جي روشني ۾ جذباتي ٿيڻ جي زُمري ۾ ايندي آهي.

مڪي جي ڪافرن غزوه بدر جي موقعي تي جيڪو ميدانِ بدر ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو اهو انهيءَ ڪيفيت ۾ ڪيو هو، انهن وٽ طاقت هئي، انهن وٽ ماڻهو گهڻا هئا، اهي لڙائين جي مهارت رکندا هئا، انهن وٽ مال ۽ دولت جي ڪثرت هئي، ڪين هنن ظاهري اسباب بابت بُرو گمان رکيو، اهي هي سمجهيا ته اسان بهادُر آهيون، اسان وٽ طاقت آهي، ڀلا ڪير آهي جيڪو اسان کي شڪست ڏئي سگهندو، هي اهو بُرو گمان هو جيڪو ڪافرن جي سوچڻ سمجهڻ جي طاقت تي ڇانئجي ويو هو، پوءِ انهيءَ بنياد تي انهن فيصلو ڪيو جيڪو سَراسَر جذباتي فيصلو هو، جيئن ته هن فيصلي جو بنياد ئي غلط هو، تنهنڪري انهن کي بدر جي ميدان ۾ زبردست ۽ تاريخي شڪست ٿي. جيڪڏهن اهي ماڻهو جذبات ۾ نه اچن ها، سوچي سمجهي حالات جو جائِزو وٺي فيصلو ڪن ها ته نه اهي ميدانِ بدر ۾ اچن ها، نه انهن کي شڪست ٿئي ها. مڪي جي ڪافرن جو هي اهو رَوِيو آهي، جنهن بابت الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾

بيان ڪيو ۽ هن مان عبرت حاصِل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ | ترجموڪنز الايمان: ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گھرن مان وڏائي ڪندي ۽ ماڻهن کي ڏيکاءُ ڪندي نڪتا. |

**اي عاشقانِ رسول!** هن آيت سڳوري مان ۽ هن آيت جي عالم سڳورن جيڪا وَضَاحت فرمائي، ان مان اسان کي اِهو سکڻ لاءِ مليو تہ ظاهري اسباب تي نِگاهہ رکڻ، الله پاڪ جي عطا ڪيل نعمتن بابت بُرو گمان ڪرڻ اهو ڪافِرن وارو انداز آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي زِندگي جا تمام فيصلا اِخلاص جي بنياد تي، تقويٰ جي بنياد تي، شريعت جي اَحڪامن جي روشني ۾ سوچي سمجهي ڪيون ڇو تہ جذبات ۾ ڪيل فيصلا عام طور تي نقصان ئي جو سبب بڻجندا آهن. الله پاڪ اسان کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جي زِندگي ۾ فيصلن جي اهميت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** *Decision Making* يعني فيصلو ڪرڻ اسان جي زِندگي جو تمام اَهم پهلو آهي. فيصلو صِرف اهو ناهي تہ فيڪٽري ناهڻي آهي يا ناهي ناهڻي، ڪاروبار شروع ڪرڻو آهي يا ناهي ڪرڻو، ٻارن جي شادي ڪرڻي آهي يا ناهي ڪرڻي. اهي بہ فيصلا آهن پر صِرف اهي ئي فيصلا نہ آهن، هڪ تحقيق مطابق هڪ انسان سڄي ڏينهن ۾ (*With in 24 hour*) 35 هزار ننڍا وڏا فيصلا ڪري ٿو. اسان غور ڪيون تہ اسان جي سڄي زِندگي اسان جي فيصلن سان ترتيب ۾ ايندي آهي. اُج لڳي آهي ۞ صبح اسان جي اک کلي، بستر تان اُٿڻو

آهي يا نہ منٽ بعد اُٿڻ جو سوچي وري سمهڻو آهي، اهو بہ فيصلو آهي ۞ ناشتو ڪرڻو آهي يا ناهي ڪرڻو، اهو بہ فيصلو آهي ۞ اسان وينا آهيون، بيهڻو آهي يا ناهي بيهڻو، اهو بہ فيصلو آهي ۞ اُڃ لڳي آهي تہ پاڻي پيئڻو آهي يا ناهي پيئڻو، اهو بہ فيصلو آهي، ايئن اسان سڄي ڏينهن ۾ هڪ کان بعد هڪ فيصلو ڪيون ٿا ۽ اسان جي زِندگي اسان جي انهن فيصلن سان مرتب ٿي رهي هوندي آهي.

اسان جي زِندگي ۾ ڪيئي اهي آهن جيڪي اسان جي شخصيت جي سڃاڻپ بڻجندا آهن ، جيڪڏهن اسان پنهنجي پاڻ بابت اهو سُوال ڪيون تہ مان ڪير آهيان؟ هن سُوال جو جواب بہ اسان جي فيصلن جي بنياد تي ڏنو ويندو. مثال طور مسجد ۾ اَذان ٿي، هاڻي اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي، نماز پڙهڻ وڃڻو آهي يا ناهي وڃڻو، جيڪڏهن اسان نماز پڙهڻ جو فيصلو ڪنداسين تہ اسان کي نمازي چيو ويندو، جيڪڏهن نماز قضا ڪئي تہ گنهگار چيو ويندو. اهڙي طرح ڪنهن اسان کي ٿڦ هنئيو، هاڻي اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي، بدلي ۾ ان کي بہ ٿڦ هڻڻا آهن يا معاف ڪرڻو آهي، جيڪڏهن بدلي ۾ بہ ٿڦ هڻنداسين تہ اسان کي غصي وارو، بي صبرو ۽ ڪجهہ صُورتن ۾ ظالِم چيو ويندو ۽ جيڪڏهن اسان معاف ڪنداسين تہ صبر ڪرڻ وارو، عفو و درگذر جو پيڪر چيو ويندو. معلوم ٿيو: اسان جا فيصلا اسان جي شخصيت جي سڃاڻپ آهن.

## فيصلو ڪرڻ بابت 3 اَهم بنياد

هاڻي هتي هڪ سُوال پيدا ٿئي ٿو تہ فيصلو ڪهڙي بنياد تي ڪرڻ گهرجي؟ زِندگي ۾ ڪو بہ فيصلو ڪرڻ بابت 3 اَهم بنياد هوندا آهن: (1):جذبات (2): عقل (3): شُعُور

عام طور تي صِرف ڪاوڙ ئي کي جذباتي ٿيڻ چيو ويندو آهي، جڏهن تہ ايئن نہ آهي، جذبات جون ڪوڙ قسمون آهن ۞ ڪاوڙ بہ هڪ جذبو آهي

۞ محبت بہ هڪ جذبو آهي ۞ خوشي بہ هڪ جذبو آهي ۞ غم ۞ بيزاري ۞مايوسي ۞ خوف ۞ حيرت ۞ فخر وغيره اهي سڀ جذبات آهن.

هميشہ ياد رکو! جذبو چاهي ڪاوڙ وارو هجي، محبت وارو هجي، غم وارو هجي، خوشي وارو هجي، ڪنهن بہ قسم جا جذبات هجن، ڪڏهن بہ جذبات جي بنياد تي فيصلا ناهن ڪبا ڇو تہ جذبات جي بنياد تي ڪيل فيصلا عام طور تي غلط ئي ثابت ٿيندا آهن. اهڙي طرح عقل جي بنياد تي بہ فيصلا ناهن ڪيا ويندا. فيصلا هميشہ شُعُور جي بنياد تي ڪيا ويندا آهن.

## عقل ۽ شُعُور جي وَضَاحت

هاڻي سمجهڻو اهو آهي تہ شُعُور مان ڇا مراد آهي: اَصل ۾ عقل جون ٻہ قسمون آهن: هڪ **عقل اهو آهي** جيڪو فطري طَور تي اسان جي اندر رکيو ويو آهي. **ٻيو اهو عقل آهي** جيڪو عِلم سکي عِلم جي روشني مان حاصِل ٿيندو آهي. اهو جيڪو ٻيو عقل آهي جيڪو عِلم سکڻ ڪان بعد نصيب ٿيندو آهي، ان کي شُعُور چيو ويندو آهي. اسلام جي چوٿين خليفي اَمِيرُ المُؤمِنِين مولا علي رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ ان شعور کي عَقلِ مَسمُوع جو نالو ڏنو آهي، پاڻ فرمائن ٿا:

رَاَيۡتُ الۡعَقۡلَ عَقۡلَيۡنِ | فَمَطۡبُوۡعٌ وَّ مَسۡمُوۡعٌ[1]

يعني منهنجي نگاهہ ۾ عقل جون ٻہ قسمون آهن: (1):عَقلِ مَطبُوع يعني فِطرِي عقل جيڪو انسان جي اندر رکيو ويو آهي (2): عقلِ مَسمُوع يعني اهو عقل جيڪو (عِلمي ڳالهيون) ٻڌي حاصِل ٿيندو آهي.

اسان پنهنجي زِندگي ۾ ننڍا فيصلا ڪيون يا وڏا، فيصلو هميشہ عَقلِ مَسمُوع يعني شُعُور جي بنياد تي ئي ڪيو ويندو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1]... اِحۡيَاءُ العلوم مترجم، جلد: 1، صفحہ: 291.

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱۹﴾ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ

(پاره: 2، سورهٔ بقره: 219-220)

ترجمہ کنز العرفان: **الله توهان لاءِ آيتون بيان فرمائي ٿو تہ جيئن توهان غور ۽ فڪر ڪيو دنيا ۽ آخرت جي ڪمن ۾.**

**آيت سڳوري ۾ بہ ڳالهيون بيان ٿيون آهن: (1):آيات، شريعت جا اَحڪام چٽا، واضِح ڪري بيان ڪيا ويا آهن (2): توهان دُنيا ۽ آخرت جي معاملات ۾ غور و فِڪر ڪيو!**

**شريعت جا اَحڪام کولي بيان ڪرڻ جو ڪهڙو مَقصَد آهي؟ اهوئي تہ توهان شريعت جي هنن اَحڪامن کي سکو! چڱي طرح سمجهو! هي اهو درجو آهي جنهن کي حضرت علي** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ **عقلِ مَسمُوع فرمايو، يا جنهن کي شُعُور (يعني عِلم مان ملندڙ روشني) چيو ويندو آهي، پوءِ هي آيتون، شريعت جا اَحڪام کولي ڇو بيان ڪيا ويا آهن؟ هن ۾ حڪمت ڪهڙي آهي؟ علّامہ بُقاعي** رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ **آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: هن ۾ حڪمت اها آهي تہ توهان غَور ۽ فِڪر ڪرڻ (يعني پنهنجي عقلِ مَطبُوع، اهو عقل جيڪو فطري طَور تي توهان کي عطا ڪيو ويو آهي، ان کي استعمال ڪرڻ) جي عادت بڻايو![1]**

**معلوم ٿيو: اسان پنهنجي عقل جو لگام شريعت جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيون، پوءِ شريعت جي روشني ۾ اسان کي جيڪو شُعُور ملي، جيڪو عقلِ مَسمُوع حاصِل ٿئي، ان جي بنياد تي فيصلا ڪيون. اهو آهي فيصلو ڪرڻ جي اَصل بنياد...!**

## هڪ حديثِ پاڪ جي وضاحت

**اچو! هڪ حديثِ پاڪ سمجهون ٿا. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللہُ

---

[1]... تفسير نظمُ الدَّرَر، پاره: 2، سورهٔ بقره، زيرِ آيت: 219، جلد: 1، صفحہ: 417۔

عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمايو:** اَلصَّبْرُ نِصْفُ الْاِیْمَانِ **صَبر نِصف (يعني اڌ) ايمان آهي.**[1]

**هن حديثِ پاڪ ۾ صَبر جي فضيلت بيان ٿي ۽ ٻڌايو ويو تہ صَبر اڌ ايمان آهي. هاڻي سمجهڻو اهو آهي تہ صَبر ڇا کي چئبو آهي؟ امام غزالي** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ **اِحياءُ العلوم ۾ صَبر بابت زبردست تحقيق فرمائي، پاڻ فرمائن ٿا: باعثِ دِيني ۽ باعثِ هوٰي** (خواهشات) **جي پاڻ ۾ مُقابلي جو نالو صَبر آهي. باعثِ دِيني يعني نيڪي ڏانهن مائِل ڪرڻ واري قُوَّت ۽ باعِثِ هوٰي جو مطلب آهي: خواهشات ڏانهن مائِل ڪندڙ قُوَّت.**[2]

**مِثال طور اسان کي ڪنهن گار ڏني، هاڻي اسان جا جذبات اُڀرندا، دِل چاهيندي تہ هن شخص جي زبان ڇڪي ونجي، مار ڪُٽ ڪري ان جي شڪل بگاڙي ڇڏجي، اها آهي باعِثِ هوٰي. ان جي اُبتڙ اسان جو دِين اسان کي ڇا چوي ٿو؟ گار ڏيڻ واري کي معاف ڪري ثواب ڪمايو وڃي. اهو آهي دِيني سبب. هاڻي اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي، جيڪڏهن اسان جذبات جي بنياد تي، باعِثِ هوٰي جي بنياد تي فيصلو ڪنداسين تہ جهيڙو وڌندو ۽ جيڪڏهن اسان دِين جي بنياد تي، دِيني سبب جي بنياد تي فيصلو ڪنداسين، جذبات کي قابو ڪنداسين ۽ دِين جي ڳالهہ کي ترجيح ڏيندي گار ڏيڻ واري کي معاف ڪنداسين تہ اهو صَبر آهي.**

**ڪنهن جي والِد صاحِب جو انتقال ٿيو، ان جا جذبات وڌيا، هو غم مان بي حال ٿي ويو، ان جي دل چاهي ٿي تہ دانهون ڪري گهڻو روئي، ڪپڙا ڦاڙي، واويلو ڪري پر دِين چوي ٿو: صَبر ڪيو! لڙڪ وهايو پر ڪپڙا نہ ڦاڙيو، دانهون نہ ڪيو. هاڻي فيصلو ڪرڻو آهي، جيڪڏهن اهو شخص جذبات ۾ اچي دانهون ڪندو، ڪپڙا ڦاڙيندو، سيني تي ڌڪ هڻندو تہ اهو جذباتي فيصلو آهي ۽**

---

1... معجم ڪبير، جلد: 4، صفحہ: 463، حديث: 8466۔

2... احياءالعلوم مترجم، جلد: 4، صفحہ: 191 خلاصۃً۔

جيڪڏهن دِين جي ڳالهه کي ترجيح ڏيندو، غم کي پي ويندو، جذبات تي قابُو ڪندو تہ اهو شُعُوري فيصلو آهي ۽ ان کي صَبر چوندا آهن جنهن کي حديثِ پاڪ ۾ اڌ ايمان فرمايو ويو آهي.

معلوم ٿيو: فيصلو هميشہ شُعُور (يعني عِلمِ دين مان حاصِل ٿيندڙ عقل جي روشني) ۾ ڪيو وڃي. باقِي رهيا جذبات... توڙي جو اسان وٽ ماڻهو جذبات ۾ اچي فيصلو ڪن ٿا پر حقيقت ۾ فيصلي ڪرڻ ۾ جذبات جو ڪو عَمَل دَخَل نہ آهي.

## اسان کي جذبات ڇو عطا ڪيا ويا آهن...؟

اَصل ۾ اسان جا جيڪي جذبات آهن: مثال طور خُوشي، ڏک، ڪاوڙ، بيزاري، محبت، پيار وغيره جيتري قسم جا بہ جذبات آهن، اهي جذبات اسان کي فيصلو ڪرڻ جي لاءِ ناهن ڏنا ويا، اهي جذبات اسان کي وابستگي جي لاءِ ڏنا ويا آهن. اسان هن دُنيا ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيون ٿا، ان جي لاءِ اسان کي 2 شين جي ضرورت پئي ٿي: (1): ڪم ڪرڻ جو فيصلو (2): ان ڪم سان وابستگي. مثال طور مسجد ۾ اَذان ٿي، هاڻي اسان کي نماز پڙهڻي آهي تہ سڀ کان پهريان اسان دِل ئي دِل ۾ فيصلو ڪنداسين تہ **نماز جو وقت ٿي ويو آهي، نماز پڙهڻ هلو!** اهو فيصلو ڪرڻ کان بعد ٻي شيءِ جيڪا ضروري آهي اها آهي ان فيصلي کي عملي طور نافذ ڪرڻ، نماز جي لاءِ نڪرڻ، مسجد ۾ پهچڻ، ان ڪم جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان جي پنهنجي فيصلي سان گهري وابستگي هجي، جيڪڏهن فرض ڪيو اسان پنهنجي فيصلي سان وابستہ نہ رهي سگهياسين تہ ٿي سگهي ٿو اسان جڏهن نماز پڙهڻ وڃي رهيا هجون، رستي ۾ ڪو بُرو دوست مِلي وڃي ۽ اسان ان جي ڳالهين ۾ اچي نماز قضا ڪري ڇڏيون يا شيطان اسان جي دِل ۾ وَسوَسو وجهي ۽ اسان پنهنجو فيصلو تبديل

ڪري ڇڏيون. لهٰذا فيصلو ڪرڻ کان بعد، ان ڪم کي عَمَلي جامو پارائڻ جي لاءِ ان ڪم سان گهري وابستگي بہ ضروري آهي.
اها جيڪا ٻي شيءِ آهي يعني پنهنجي فيصلن سان، پنهنجي ڪم سان، دِين سان، قرآن سان، سُنّت سان، پنهنجي رشتيدارن سان، پنهنجي ماءُ پيءُ، اولاد وغيره سان گهري وابستگي، ان جي لاءِ الله پاڪ اسان کي جذبات عطا ڪيا آهن. ڏسو! الله پاڪ اسان کي ڪن ٻڌڻ لاءِ ڏنا آهن، اسان ڪن جي ذريعي سونگهي نٿا سگهون، نڪ سونگهڻ لاءِ آهي، هن سان ڏسي نٿا سگهون، اک ڏسڻ لاءِ آهي، هن سان اسان ڪائي نٿا سگهون. اهڙي طرح فيصلو ڪرڻ جي لاءِ شُعُور ڏنو ويو آهي، اسان جذبات جي بنياد تي فيصلو نٿا ڪري سگهون، اسان جيڪو بہ فيصلو پنهنجي شُعُور سان ڪنداسين، اهو شُعُوري فيصلو چئبو، جيڪڏهن اسان جذبات جي بنياد تي فيصلو ڪنداسين، شُعُور کي پوئتي ڪنداسين تہ ان کي جذباتي فيصلو چيو ويندو، جيڪو عام طور تي اسان کي غلط راهہ جو مُسَافِر بڻائيندو آهي.

# جذباتي ٿيڻ جا نقصان

هڪ ماهرِ نفسيات آهي، ان ڪيئي سال لاڳيتو جذبات (*Emotions*) بابت تحقيق ڪئي، جڏهن ان جي تحقيق مڪمل ٿي وئي تہ ان هڪ ڪتاب لکيو، ان ماهرِ نفسيات جي پُوري تحقيق جو حاصِل ۽ خُلاصو جيڪو آهي، اهو ان جي ڪتاب جو هڪ خُوبصُورت جملو آهي، ان چيو: مون اجا تائين جيتري تحقيق ڪئي آهي، ان جي مطابق مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ **انسان جڏهن بہ جذبات جي بنياد تي فيصلو ڪيو آهي تہ ان کي پڇتائڻو ئي پيو آهي.**
اها حقيقت آهي، انسان جڏهن بہ جذبات ۾ اچي فيصلو ڪري ٿو تہ ان کي پڇتائڻو ئي پوي ٿو. هن دُنيا ۾ انسان جيڪو سڀ کان پهريون گُنَاهہ ڪيو، اهو

ٻہ جذبات ئي جي بنياد تي ڪيو ويو.

## دُنيا جو پهريون قتل ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو...؟

حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ قابيل ٻئي ڀاڻ ۾ ڀائر هئا، قابيل کي حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ڪجهہ اِختِلاف هو، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام هن اِختلاف کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انهن کي بارگاهہ اِلٰهي ۾ قرباني پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان زماني ۾ قرباني قبول ٿيڻ لاءِ آسمان مان هڪ باهہ اچي ان کي کائي ونندي هئي. پوءِ قابيل قرباني ڏني ۽ حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻہ قرباني پيش ڪئي. حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قرباني قبول ٿي ۽ قابيل جي رَدّ ڪئي وئي. هاڻي قابيل کي کپي ها تہ عقل سان ڪم وٺي، غور و فِڪر ڪري ها، سوچي ها تہ آخر منهنجي قرباني ڇو قبول نہ ٿي، ضرور هن ۾ منهنجي ڪا خامي هوندي پر هن جذباتي فيصلو ڪيو ۽ حضرت هابيل رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي ڌمڪي ڏيندي چيائين:

| | |
|---|---|
| لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ (پاره: 6، سورة المائدة: 27) | ترجمو ڪنز العرفان: مان ضرور توکي قتل ڪندس. |

اهو قابيل جو جذباتي فيصلو هو! ان تي حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي برداشت جو مُظَاهرو ڪيائون ۽ اطمينان سان چيائون:

| | |
|---|---|
| اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۷﴾ (پاره: 6، سورة المائدة: 27) | ترجمو ڪنز العرفان: اللّٰه صرف ڊڄڻ وارن جي قرباني قبول فرمائيندو آهي. |

آخر قابيل کي سمجهہ نہ آئي، هو جذبات ۾ اچي بي قابُو ٿيو ۽ ڪاوڙ، حَسَد ۽ بغض جو شِڪار ٿي ان بدبخت حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي شهيد ڪري ڇڏيو. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

فَطَوَّعَتۡ لَهٗ نَفۡسُهٗ قَتۡلَ اَخِيۡهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصۡبَحَ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۳۰﴾
(پاره: 6، سورة المائدة: 30)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ان جي نفس ان کي پنهنجي ڀاءُ جي قتل تي راضي ڪري ورتو سو هن ان کي قتل ڪري ورتو تہ اهو نقصان ڪڻندڙن مان ٿي ويو.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت تائين جيترا قاتِل ٿيندا، انهن سڀني کي بہ گُنَاهہ ملندو ۽ قابيل جي اعمالنامي ۾ بہ ان جو گُنَاهہ لکيو ويندو ڇو تہ ان قتل جي شروعات ڪئي.

## جذباتي ٿيڻ جو نتيجو: پڇتاءُ

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو آهي جذباتي فيصلن جو نقصان...! قابِيل جذبات ۾ اچي ناحق قتل جو گُنَاهہ پاڻ تي کنيو، نتيجو ڇا نڪتو...؟ پڇتاءُ. ۞ اسان وٽ ماڻهو ڳالهہ تي جهيڙو ڪن ٿا، نتيجو ڇا نڪري ٿو؟ پڇتاءُ ۞ روڊ تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهڻو هجي، رش لڳل هجي تہ ماڻهو جذبات ۾ اچي ويندا آهن ۞ واٽ هلندي ڪو اوچتو ٽڪرائجي تہ ٻنهي ۾ لڙائي شروع ٿي ويندي آهي، نتيجو: پڇتاءُ ۞ ڪيئي نوجوان جذباتي ٿيڻ سبب سيٺ يا مينجر وغيره سان اٽڪي پوندا آهن ۽ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي چڱي ڀلي ملازمت کي لت هڻي هليا ويندا آهن، پوءِ ڌڪا کائيندا وتندا آهن. نتيجو: پڇتاءُ ۞ ڪجھ نادان نوجوان والدين جي ڪنهن ڳالهہ تي ناراض ٿي جذباتي فيصلا ڪندا آهن ۽ گهر ڇڏي هليا ويندا آهن، نتيجو: پڇتاءُ ۞ عموماً اهڙا نوجوان جرائِم پيشہ افراد جي ڄار ۾ ڦاسي پوندا آهن ۽ جڏهن انهن کي پنهنجي غلطي جو اِحسَاس ٿيندو آهي تہ گهڻي دير ٿي ويندي آهي، هاڻي انهن وٽ ڇا بچي ٿو: پڇتاءُ. ۞ ماڻهو معمولي ڳالهين تي جذبات ۾ اچي قتل ڪري ڇڏيندا آهن، سامهون وارو مري ويندو آهي ۽ اهي پاڻ جيل جي چڪي پيهندا آهن. انهن کي ڇا ورندو آهي: پڇتاءُ.

# معاشري ۾ جذباتي ٿيڻ جي وڌندڙ شرح

افسوس! هاڻي اسان جي مُعَاشري ۾ جذباتي فيصلن جو رجحان ڏينهو ڏينهن وڌندو پيو وڃي، عِلمِ دِين کان دُوري آهي، شريعت جي اَحڪامن جي معلومات نہ هئڻ برابر آهي، قرآنِ ڪريم سمجهڻ تہ رهيو پري هاڻي ڏسي پڙهڻ بہ نٿو اچي، ظاهر آهي جڏهن شريعت جي معلومات ئي نہ آهي تہ شريعت جي مطابق فيصلا ڪيئن ڪيا ويندا؟ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد آهي جيڪو محض جذباتي فيصلا ڪري ٿو ۽ پوءِ نقصان ڪٽي ٿو ۞ مختلف رپورٽن مطابق سن 2021 ۾ سنگين جرائِم ۾ 25 فيصد اِضافو ٿيو آهي، هن سال جي صِرف ابتدائي 4 مهينن ۾ 1232 افراد قتل ڪيا ويا ۞ گذريل ٻن سالن ۾ پاڪستان ۾ خودڪشي جي شرح 3 فيصد کان وڌي 8 فيصد تائين پهچي وئي ۞ هڪ رپورٽ مطابق عالمي سطح تي هر 40 سيڪنڊ ۾ هڪ شخص خودڪشي ڪري ٿو ۞ اهڙي طرح طلاق جا ڪيس ڏينهو ڏينهن وڌندا پيا وڃن، سن 2019 ۽ 2020 ۾ صِرف پاڪستان جي هڪ شهر ڪراچي ۾ اٽڪل 15 هزار طلاق جا ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ۞ اهڙي طرح ٻارن ۽ ٻارڙين ڪي جنسي تشدد جو نشانو بنائڻ جا ڪيس بہ اڄڪلهہ وڌندا پيا وڃن.

اسان جي مُعَاشري جو اهو ڪارو پهلو، اهي سنگين جرائم ڪهڙا آهن؟ جيڪڏهن انهن جو غور سان جائِزو ورتو وڃي تہ اَصل بنياد جذباتي فيصلا ئي نڪرندا. ۞ ناحق قتل جو وڏو سبب ڪاوڙ آهي ۞ طلاق بہ عام طور ڪاوڙ ئي ۾ ڏني ويندي آهي، ماڻهو سوچن ٿا، سمجهن ٿا، بَس ڪاوڙ ۾ اچي طلاق ڏئي ڇڏين ٿا ۽ گهڙي ڪن ۾ گهر اُجڙي وڃي ٿو، ٻار ويچارا ماءُ پيءُ ٻنهي کان يا هڪ کان محروم ٿي ويندا آهن، انهن جو مستقبل داءُ تي لڳي ويندو آهي ۞ خودڪشي بہ هڪ جذباتي فيصلو ئي آهي، غُربت هوندي آهي تہ ماڻهو جذبات ۾ اچي خُود ڪشي ڪري وٺندا آهن، پاڻ بہ حرام موت مرندا آهن ۽

پنهنجي رشتيدارن کي بہ وڏو غم ڏئي ويندا آهن ۞ اسان وٽ هتي ماڻهو ڪنهن جي غلطي برداشت ڪرڻ لاء تيار ناهن هوندا ۞ ٻار غلطي ڪري ٿو، والدين ڪاوڙ ۾ اچي مارَ ڪُٽ تي لهي اچن ٿا، نتيجي ۾ ٻارن جي نفسيات تي بُرو اَثر پئي ٿو، ٻار ضدي بڻجن ٿا، انهن جي تربيت بهتر ناهي ٿي سگهندي، ان جو سبب جذباتي ٿيڻ آهي ۞ گهٽي ۾، روڊ تي ٻي ڏياني ۾ ڪو ڪنهن سان ٽڪرائجي وڃي تہ لڙائي جهيڙو شروع ٿي ويندو آهي، ان جو سبب جذباتي ٿيڻ ۞ مزاج خلاف ڳالهہ ٻڌي ڪاوڙ ۾ اچڻ ۞ ڳالهہ ڳالهہ تي ڪاوڙ اچڻ ۞ چيڙاڪ ٿيڻ ۞ ڪو بُرو چوي تہ بدلي ۾ گارگند شروع ڪرڻ، اهو سڀ ڇا آهي؟ جذباتي ٿيڻ آهي ۞ اسان وٽ اهي ئي جذباتي فيصلا اسان جي ڪردار کي داغدار ڪندا آهن ۞ جذباتي فيصلا مَعَاشِي نقصان جو سبب بڻجندا آهن ۞ جذباتي فيصلن سبب گهر اُجڙي ويندا آهن ۞ جذباتي فيصلن سبب قتل و غارت گري ۞ لڙائي جهيڙا وڌندا آهن ۽ مُعاشري جو امن ۽ سڪون تباهہ ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح عشق مجازي اهو تہ جڻ جذبات جو تمام وڏو جبل آهي جنهن جي هيٺ شُعُور ۽ سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت اهڙي دفن هوندي آهي جو ... بس! الامان والحفيظ!

بي حيائي عام آهي، جهالت عام آهي، ڇوڪرا ڇوڪري پاڻ ۾ گندي، گُنَاهن ڀري عشق ۾ مبتلا ٿين ٿا، گُنَاهن جو بازار گرم ٿئي ٿو، عشق بازيون هلن ٿيون، ڪجهہ پيرا گهران ڀڄي ۽ ڪورٽ ميرج جي راهہ وٺن ٿا، پوءِ جيڪي عِزَّتون نيلام ٿينديون آهن، ٻن خاندانن جي جنگ ڇڙندي آهي، ڪڏهن تہ ڇوڪرو ڇوڪريءَ جو عشق مجازي وارو اهو جذباتي فيصلو ٻن گهراڻن جي خانداني دُشمني جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ ان سبب نسل دَر نسل لڙائيون ۽ قتل تائين ٿيندا رهندا آهن. ڪيئي دفعہ دريائن وغيره ۾ لاوارث لاش ملندا آهن، ڪنهن جو پاءُ غيرت جي نالي تي ان کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي، ڪو عشق

مجازي ۾ مبتلا نادان عاشِق پاڻ دريا ۾ ٽپو ڏئي پنهنجي جان جي بازي هاريندو آهي بلڪ عشق مجازي ته جذباتي ٿيڻ جو اهو خطرناڪ ترين انداز آهي جيڪو ڪئي پيرا اِيمان کسيندڙ بہ ثابت ٿيندو آهي، ڪيترائي نادان عاشِق اهڙا آهن جيڪي عِشقِ مجازي جي چڪرن ۾ ڪفر جي انڌي وادي ۾ وڃي ڪرندا آهن .

## گندن جذباتن ڪفر تائين پهچائي ڇڏيو

علّامہ اِبنِ جوزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **نقل** ڪن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، جيڪو سمنڊ جي ڪناري اڪيلائي ۾ رهي عِبَادت ڪندو هو، ان جو معمول هو سڄو ڏينهن روزو رکندو هو ۽ سڄي رات نفل پڙهندو هو. هو ٽي سو سالن تائين ايئن اڪيلائي ۾ عبادت ڪندو رهيو پر افسوس! پوءِ هو عشقِ مجازي جي آفت ۾ مبتلا ٿيو ۽ جذبات جي هٿان مجبور ٿي دِينِ حق کان پٺڪي ڪفر جي کڏ ۾ وڃي ڪريو.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** عِبرَت جو مقام آهي...! غور فرمايو! عشقِ مجازي عام طور تي شهواني جذبات ئي تي مشتمل هوندو آهي، هن آفت ۾ مبتلا ٿي هڪ عبادت گذار پنهنجي 3 سو سال جي عبادت برباد ڪري وينو ۽ ڪفر جي کڏ ۾ ڪري پيو. هن مان اندازو لڳايو! تہ پنهنجي جذبات تي قابُو رکڻ، زِندگي جي هر موڙ تي سوچي سمجهي، قرآن ۽ سُنَّت جي روشني ۾، شُعُوري فيصلو ڪرڻ ڪيتري قدر ضروري آهي.

## جذبات ۾ اچي فيصلو نہ ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هتي هڪ ٻي ڳالهہ ٿوري تَوَجُّہ سان سمجهڻ جي آهي. اها هي تہ اسان جي اندر وارو ڪو جذبو پنهنجي ذات جي اعتبار سان، پنهنجي وُجُود جي اعتبار سان هر گز نقصان ڏيندڙ نہ آهي. ها! ڪجهہ اهي جذبات

[1]... ذَمّ الهَوى، صفحہ: 347۔

جيڪي آهستہ آهستہ باطِني بيماري جو رُوپ اختيار ڪن ٿا، اهي ضرور نقصان ڏيندڙ آهن جيئن: تَڪبُّر آهي، فَخر ۽ غرور آهي، خُود پسندي آهي، هي اهي باطني بيماريون آهن جيڪي شروعات ۾ عام طور هڪ جذبي طَور تي اسان جي اندر ظاهر ٿينديون آهن پر جيڪڏهن اسان انهن جذبات کي پنهنجي اندر ويهاريون، مثال طور ڪنهن کي تَڪبُّر وارو خيال اچي ۽ هن ان خيال کي ويهاريو ۽ هر هر ان ڏانهن خيال ڪيائين تہ هاڻي اهو باطني بيماري بڻجي ويندو. هن کي آسان مِثال سان ايئن سمجهو تہ جيئن هائي بلڊ پريشر هڪ مرض آهي، جيڪڏهن ڪنهن شخص جو بلڊ پريشر عام طَور تي وڌي نٿو، پر ڪڏهن ڪائڻ پيئڻ جي گهٽ وڌ جي ڪري ان جو بلڊ پريشر وڌي ويو تہ ان کي هائي بلڊ پريشر جو مريض نہ چيو ويندو، ها! جيڪڏهنن هو کائڻ پيئڻ ۾ لاڳيتو بي احتياطي ڪندو رهي ۽ ان جو بلڊ پريشر عادت طور وڌڻ لڳي تہ هاڻي ان کي هائي بلڊ پريشر جو مريض چيو ويندو. اهو ئي حال جذبات جو بہ آهي، ڪو بہ جذبو جڏهن پهريان اسان ۾ اُٿندو آهي تہ عام طور تي اهو 12 منٽ جي لاءِ هوندو آهي، جيڪڏهن ڪو ان جذبي کي پاڻ تي اوڍي ڇڏي، هر هر ان جذباتي خيال بابت سوچندو رهي تہ هاڻي اهو جذبو جيڪڏهن منفي آهي تہ باطني بيماري جي شڪل ناهي سگهي ٿو.

بهرحال! جيستائين جذبات باطِني بيماري جو رُوپ نہ اختيار ڪن، ان وقت تائين ذاتي طَور تي جذبات نقصان ڏيندڙ ناهن هوندا بلڪ هڪ حَد تائين اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ جذبات انسان جو خاصو آهن، روبوٽ ۽ انسان ۾ بنيادي فرق ئي جذبات جو ٿيندو آهي، روبوٽ ۾ جذبات ناهن ٿيندا، هو هڪ مشين آهي، نہ ان کي ڪاوڙ اچي ٿي، نہ ڪنهن سان نفرت ٿئي ٿي، نہ محبت ٿئي ٿي. اهو الله پاڪ جي تخليق جو ڪمال آهي جو الله پاڪ مٽيءَ مان انسان بڻائي جتي ان ۾ ڪوڙ ساريون خاصيتون رکيون آهن، اتي انسان ۾ جذبات پڻ رکيا

آهن. لهٰذا ذاتي طَور تي جذبات مفيد ئي هوندا آهن. ها! نقصان ان وقت ٿيندو آهي جڏهن اسان جذبات جي اَثر هيٺ فيصلو ڪيون ٿا، **اَصل ۾ جذباتي ٿيڻ انهيء کي چيو ويندو آهي يعني جذبات جي اَثر هيٺ فيصلو ڪرڻ.** لهٰذا **پنهنجي زِندگي جو اهو اُصُول بڻائي وٺو تہ جڏهن مون تي جذبات جو غلبو ٿيو، ان وقت مان ڪو فيصلو نہ ڪندس.**

## جذبات تي قابُو رکڻ بہ هڪ ذهانت آهي

اسان وٽ عام طور تي انگلش جي هڪ اِصطِلاح ڳالهائي ويندي آهي: I.Q (آئي. ڪيو). شايد اسان مان هر هڪ اهو لفظ ٻُڌو هوندو، ان جو مطلب آهي: دِماغي ذهانت. جڏهن ڪٿي انٽرويو وغيره ڏيڻو هجي تہ مختلف سوالن جي ذريعي I.Q (يعني ماڻهو جي ذهانت کي) چيڪ ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح هاڻي هڪ ٻي اِصطلاح بہ مُتَعَارِف ٿي چڪي آهي، ان کي چئبو آهي: E.Q (اِي. ڪيو) يعني جذباتي ذهانت. ماهرِينِ نفسيات جو مڃڻ آهي تہ جيڪو پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول ڪرڻ نٿو ڄاڻي، مثال طور جيڪو ڳالھ ڳالھ تي ڪاوڙ ڪندو آهي، غَم اچي تہ پاڻ تي قابُو نٿو رکي سگهي، خُوشي ۾ پاڳل ٿي ويندو آهي، اهڙو شخص چاهي ڪيترو ئي ذهين ڇو نہ هجي، هو پنهنجي جذبات جي ڪري وڏن نقصانن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ان ڪري هاڻي دُنيا جي مختلف ادارن ۾، مختلف دفترن ۾ ملازمت ڏيڻ جي لاءِ I.Q (يعني دماغي ذهانت) سان گڏوگڏ E.Q (جذباتي ذهانت) جو ٽيسٽ پڻ ورتو ويندو آهي، يعني ماڻهو ڪيترو ذهين آهي، ان سان گڏوگڏ اهو بہ ڏٺو ويندو آهي تہ هو پنهنجي جذبات جو دُرُست استعمال ڪرڻ ۾ ڪيترو ماهر آهي.

## بزرگانِ دين جو پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان خبر پئي تہ زِندگي جي سَفَر ۾ ڪاميابي جي لاءِ

پنهنجي جذبات تي قابُو رکڻ انتهائي ضروري آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه! اسان جي اسلاف (بزرگانِ دين) ڪامياب ترين زِندگيون گذاريون آهن، انهن جي ڪاميابي ۾ بہ وڏو ڪردار E.Q (يعني جذباتي ذهانت) جو آهي، اسان جا بزرگ سڳورا پنهنجي جذبات تي قابُو رکندا هئا، ڪو انهن کي جذباتي ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندو هو تہ بہ جذباتي نہ ٿيندا هئا. اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر بن عبد العزيز رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه جي دَورِ خِلافت جو واقعو آهي، هڪ ڀيري ڪنهن شخص پاڻ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه سان سخت ڪلامي ڪئي (يعني بُرو ڀلو چيائين) تہ پاڻ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه ڪنڌ جهڪائي ورتائون ۽ فرمايائون: ڇا توهان اهو چاهيو ٿا تہ مون کي ڪاوڙ اچي ۽ شيطان مون کي حڪومت جي غرور ۾ مبتلا ڪري ۽ مان توکي ظلم جو نشانو بڻايان ۽ قيامت جي ڏينهن تون مون کان ان جو بدلو وٺين...! مون کان ايئن هرگز نہ ٿيندو. اهو فرمائي خاموش ٿي ويا.

اَللّٰہُ اَکبَر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! اهو شخص جيڪو ڪمزور هجي، جنهن وٽ عهدو نہ هجي، طاقت نہ هجي ان جي لاءِ بہ پنهنجي جذبات تي قابُو رکڻ مشڪل ٿيندو آهي، اسان وٽ تہ جيڪو هٿ جو استعمال نٿو ڪري سگهي اهو زبان سان گاريون ڏئي ٿو، جيڪو زبان بہ نٿو هلائي سگهي، اهو دِل ئي دِل ۾ تڙپندو رهي ٿو پر قربان وڃو! حضرت عمر بن عبد العزيز رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه تان سندن E.Q (يعني جذبات تي قابُو هئڻ) ڪيترو اعليٰ هو، پاڻ خليفا هئا، اَمِيرُ المُؤمِنِين هئا، سندن وٽ طاقت هئي، قُوَّت هئي، ان حال ۾ هڪ شخص اچي ڪين بُرو ڀلو چوي ٿو، سندن جذبات اُڀارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر پاڻ پنهنجي جذبات تي قابُو رکن ٿا ۽ ماٺ تي وڃن ٿا. يقيناً اهو تمام وڏو ڪمال آهي ۽ اهو اسان جي بزرگن جي زندگي جو اهو راز آهي جيڪو انهن کي هر هنڌ باڪمال رکي ٿو، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجي جذبات تي قابُو رکون، جذبات بہ الله پاڪ جي وڏي نعمت آهن، اسان تي لازِم آهي تہ اسان انهن جو دُرُست استعمال

ڪيون.

## جذباتي ٿيڻ جا 3 عِلاج

پيارا اسلامي ڀائرو! ”جذباتي ٿيڻ“ گهڻي قدر ڪاوڙ جي صُورت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ايندو آهي. امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: ڪاوڙ جو عِلاج ۽ ان مُعَاملي ۾ محنت ۽ مشقت برداشت ڪرڻ (ڪيئي صُورتن ۾) فرض آهي ڇو تہ گهڻا ماڻهو ڪاوڙ ئي جي ڪري جهنّم ۾ ويندا.[1]

ڪاوڙ ڪان عِلاوه بہ جذباتي ٿيڻ جون ٻيون ڪيئي صُورتون آهن. اچو! جذباتي ٿيڻ ڪان بچڻ جا ڪجھ طريقا ٻڌون ٿا:

### (1): ڪاوڙواري جذباتيت جو عِلاج

جيڪر ڪاوڙ جي صُورت ۾ جذبات اُڀرن تہ هنن طريقن سان ان جو عِلاج ڪري سگهجي ٿو، مثال طور جڏهن ڪاوڙ اچي: (1): اَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم پڙهو (2): لَا حَوۡلَ وَ لَا قُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہِ پڙهو (3): چُپ ٿي وڃو (4): وُضُو ڪريو (5): نڪ ۾ پاڻي وجهو (6): بيٺل آهيو تہ ويهي رهو (7): ويٺل آهيو تہ ليٽي پئو (8): جنهن تي ڪاوڙ اچي رهي آهي، ان جي سامهون ڪان هٽي وڃو.[2]

غُصّي جي عِلاج بابت تفصيلي معلومات جي لاءِ امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو رسالو غُصّي جو عِلاج پڙهي وٺو.

### (2): سٺيون نيتون ڪرڻ جي عادَت بڻايو...!

بُخاري شريف جي وڏي مشهور حديثِ پاڪ آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي

---

1... ڪيميائے سعادت، صفحہ: 473۔

2... غصے کا علاج، صفحہ: 31۔

**مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو:** اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات **اعمال جو دار و مدار نيتن تي آهي.**[1]

نِيت دِل جي ارادي جو نالو آهي ۽ هن حديثِ پاڪ ۾ نيت جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اسان هن هڪ حديثِ پاڪ کي پنهنجي زِندگي ۾ نافِذ ڪريون ته يقين ڪيو! اسان جذباتي فيصلن کان گهڻي حد تائين بچي ويندا سين.

نِيت اَصل ۾ هڪ بيداري آهي. شايد اسان مان گهڻن جي زندگي ۾ اهڙا لمحا آيا هوندا جو ننڊپڻ ۾ جڏهن اسان رات جو ڪيڏندي ڪيڏندي يا پڙهندي پڙهندي سمهي رهندا هاسين ته اسان جي امڙ اسان کي ٻانهن مان جهلي ويهاريندي هئي، ۽ کير جو گِلاس هٿ ۾ ڏئي پيار سان چوندي هئي: پٽ! کير پيئڻ بنا ئي سمهي رهيو آهين، هي وٺ! کير پِي. اسان امڙ جي آواز کي ٻڌندا هئاسين، سمجهندا هئاسين ۽ کير جو گِلاس پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي پيئندا هئاسين پر صبح جڏهن اُٿندا هئاسين ته هڪ خواب جيان لڳندو هو ته اسان رات کير پيتو هو. ماهرينِ نفسيات جو چوڻ آهي ته هن دُنيا ۾ اِنسان ڪوڙ سارا ڪم هيئن غنودگي جي ڪيفيت ۾ ڪري رهيا هوندا آهن، خاص ڪري جڏهن اسان جي شُعُور تي جذبات جو غلبو هوندو آهي، ان وقت اسان جڻ ستل هوندا آهيون، جهڙي طرح ننڊپڻ ۾ امڙ جڏهن کير جو گِلاس ڏيندي هئي ته ننڊ جي حالت ۾ به اسان جا حَوَّاس ايترا بحال هوندا هئا جو اهو گلاس اسان جي هٿان ڪرندو نه هو، اسان کير جو گِلاس نڪ يا ڪن کي نه لڳائيندا هئاسين بلڪه سڌو وات تي لڳائيندا هئاسين، ڪڏهن ڪڏهن ته امڙ کي شُڪريه به چوندا هئاسين، اهڙي طرح جڏهن اسان تي جذبات جو غلبو ٿيندو آهي، ان وقت اسان جو شُعُور جذبات جي هيٺ دٻجي ويندو آهي، اسان دُرُست سوچي ناهيون سگهندا، مُعَاملي

[1]... بخاری، کتاب: بدء الوحی، باب: کیف کان بدء الوحی، صفحہ: 65، حدیث:1۔

جي نزاڪت کي سمجهي ناهيون سگهندا، يڪدم جذباتي ٿي ويندا آهيون، مثال طور جيئن ڪو گار ڏيندو آهي ته اسان غُصّي ۾ لال پيلا ٿيڻ لڳندا آهيون، جڏهن ڪا خوشخبري ملندي آهي ته اسان خوشي مان ٽپا ڏيڻ لڳندا آهيون، ڇڻ اسان جا جذبات اسان کي ڪَن مان پڪڙي هلائي رهيا هوندا آهن. ان وقت صِرف ضرورت هوندي آهي شُعُور کي جاڳائڻ جي، شُعُور جيڪو جذبات هيٺ دٻجي ويو، ان کي جذبات جي هيٺان ڪڍڻ جي.

هاڻي نِيت کي سمجهو! نِيت ڇا هوندي آهي: جڏهن بہ اسان ڪو ڪم ڪرڻ لڳون، دِل سان ان ڪم ڏانهن متوجھ ٿيڻ جو نالو نِيت آهي. ڪنهن بہ ڪم بابت نِيت ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان ان ڪم جي چڱن، بُرن پهلوئن کي سامهون رکون، ڪجھ سيڪنڊ جي لاءِ سوچي ونون تہ اهو ڪم ڪرڻ سان مون کي ڪو دِيني يا دُنياوي فائدو ٿيندو يا نہ ٿيندو، پوءِ ان فائدي کي دِل ۾ حاضِر رکي اهو ڪم ڪيو وڃي. نِيت ڪرڻ جو اهو ئي عَمَل جڏهن هڪ مسلمان ڪري ٿو تہ ان جو اِيمان اها تقاضا ڪري رهيو هوندو آهي تہ هو دِيني ۽ اُخروِي فائدي کي ترجيح ڏئي ۽ اها ڳالھ يعني ڪو بہ ڪم ڪرڻ ۾ دِيني ۽ اُخروي پهلو کي ترجيح ڏيڻ ۽ دِل سان ان پهلو ڏانهن متوجھ ٿي اهو ڪم ڪرڻ، ان کي سٺي نيت چيو ويندو آهي. لهٰذا جيڪڏهن اسان سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ جو پنهنجو مَعمُول بڻايون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ان جي برڪت سان جڏهن بہ اسان تي جذبات جو غلبو ٿيندو تہ سٺي نِيت ڪرڻ جي اها عادت ڪم ايندي ۽ اسان کي جذبات ۾ بي قابُو ٿي غلط فيصلي ڪرڻ کان ڪافِي حَد تائين محفوظ رکندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

الحمد لله! اَڄُ جي فتنن ڀري دَور ۾ نيڪ ۽ باڪردار بڻجڻ جو جيڪو نسخو شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عطا فرمايو آهي، يعني: 72 نيڪ

اَعمَال. هن ۾ سڀ کان پهريون نيڪ عمل بہ اهو ئي آهي: ڇا اڄ اوهان ڪجھ نہ ڪجھ نيڪ ۽ جائِز ڪمن ڪان پهريان ڪم از ڪم هڪ سٺي نيت ڪئي؟ الله پاڪ اسان سڀني کي سٺين سٺين نيتن واري هن نيڪ عمل کي بلڪ 72 جي 72 نيڪ اَعمَال کي پنهنجي زِندگي ۾ نافِذ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (3): پنهنجا خيال بدليو...!

حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فُتُوحُ الغيب ۾ فرمائن ٿا: هر مسلمان تي، هر حال ۾ 3 ڳالهيون لازِم آهن: (1): شريعت جي اَحڪامن تي عَمَل ڪري (2): جن ڪمن ڪان شريعت منع ڪيو آهي، انهن ڪان بچندو رهي (3): تقدير تي هميشہ راضي رهي.

اهو فرمائڻ ڪان بعد حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فرمايو: فَلْيُحَدِّثْ بِهَا نَفْسَهٗ هنن ٽن ڳالهين بابت پنهنجي پاڻ سان ڳالهيون ڪندو رهي.[1] يعني هر مسلمان کي گهرجي تہ هنن ٽن ڳالهين کي پنهنجي خيالات جو حِصو بڻائي وٺي.

حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو اهو جُملو وڏي ڪمال جو آهي. هن کي جيڪڏهن اسان پنهنجي زِندگي ۾ لاڳو ڪريون تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جذباتي فيصلن کان گهڻي حَد تائين بچي ويندا سين.

اَصل ۾ اسان جا جيڪي جذبات آهن، اهي اسان جي خيالات جو پاڇو (پاڇولو) هوندا آهن، يعني اسان جي ذِهن ۾ جهڙي طرح جا خيال ايندا آهن، اهڙي طرح جا اسان جا جذبات اُڀرندا آهن. فرض ڪيو! دُنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويٺل ڪو شخص اسان کي گاريون ڏئي رهيو آهي، ان جو آواز اسان تائين نہ پيو پهچي، نہ اسان کي معلوم آهي تہ هو گار ڏئي رهيو آهي، ڇا اسان کي ڪاوڙ

[1]... فتوح الغيب، صفحہ: 9، ملتقطاً.

ايندي؟ نہ ايندي. ڪاوڙ ڪڏهن ايندي آهي، جڏهن اسان کي اُن جا لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن يا اسان کي خبر ملندي آهي تہ فُلاڻي مون کي گار ڏني آهي. ٿيندو هي آهي تہ جڏهن اسان اهي الفاظ ٻڌندا آهيون تہ دِماغ ۾ خيال پيدا ٿيندا آهن ۽ اُن خيالات جي نتيجي ۾ جذبات اُڀرندا آهن. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نصيحت فرمائي رهيا آهن تہ هر مسلمان کي گهرجي پنهنجي خيالات تي ٽن ڳالهين مطابق عمل ڪري (1): مون کي شريعت جي حڪم تي عمل ڪرڻو آهي (2): شريعت جنهن ڪم کان منع ڪيو آهي، ان کان رُڪڻو آهي (3):تقدير تي راضي رهڻو آهي.

جڏهن اسان جي خيالن تي هر وقت اهي ئي ٽئي ڳالهيون پيش نظر رهنديون تہ هن جي برڪت سان جيڪي بہ نوان ۽ جذباتي خيال ايندا تہ اسان جا هي شريعت بابت خيال اُن جذباتي خيالن کي دٻائي ڇڏيندا ۽ نتيجي ۾ اسان جذبات ۾ اچڻ کان ۽ جذباتي فيصلن کان ڪافي حد تائين محفوظ ٿي ويندا سين. معلوم ٿيو جذباتي ٿيڻ سان ۽ جذباتي فيصلن کان بچڻ جو آسان ترين ذريعو اهو آهي تہ اسان پنهنجي سوچ کي بدليون. اللہ پاڪ اسان سيني کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

اي عاشقانِ رسول! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: ”فجر جي لاءِ جاڳائڻ“ ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي. الحمد للہ! دعوتِ اسلامي سان وابستہ ڪثير عاشقانِ رسول هن مبارڪ سُنَّت تي عَمَل جي سَعَادت حاصِل ڪن ٿا، اوهان بہ

پنهنجي آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنَّت تي عَمَل ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

## ڪلمي شريف جو ورد ڪرڻ لڳو

ضلعو اوڪاڙه (پنجاب) جي شهر دِيپالپور جي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته منهنجا چاچا محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا مريد ها. ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح جلدي بيدار ٿي پري پري تائين ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندا ها. ان عادت جي ڪري هو ”ديپالپور“ ۾ مشهور ها. هڪ ڀيري فيصل آباد کان گهر موٽي رهيا ها. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي روڪي نمازِ عشاء ادا ڪئي، پوءِ اڳتي روانو ٿيا، گاڏي تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي جو اوچتو چاچي محمد رفيق عطاري بلند آواز سان ڪلمو پاڪ پڙهيو ۽ فرمايو سڀ ڪلمو پڙهو. سڀني ڪلِمي شريف جو ورد شروع ڪيو، اجا ڪجهه ئي دير گذري هئي جو گاڏي کي اوچتو هڪ زور دار جهٽڪو لڳو ۽ کائي ۾ ڪري پئي. ٻيا ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر چاچي کي شديد زخم رسيا، شديد تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي بلند آواز سان ڪلمو شريف جاري هو ۽ ما شَآءَ اللّٰه! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا.[1]

فضل و کرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَا اِلٰهَ اِلَّا الله

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت،

[1]... حيرت انگيز حادثه، صفحه: 25.

ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

*فرمانِ آخری نبی، رسولِ ھاشمی* صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخِل ٿئي ۽ سلام ڪري تہ الله پاڪ ان جو ضامن آهي (تہ جيڪڏهن هو زِندهہ رهي تہ رِزق ڏنو ويندو ۽ وفات ڪري تہ الله پاڪ ان کي جنّت ۾ داخِل ڪندو)۔[2]

(1) جڏهن گهران باهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: "بِسْمِ اللهِ تَوَکَّلْتُ عَلَی اللهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ" اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله ڪريم جي مدد شاملِ حال رهندي (2): گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا۔ دعا پڙهڻ کانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري، پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري، ان کان پوءِ "سوره اِخلاص" شريف پڙهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو. (3): پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي محارِم و مُحرّمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، بارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو

[1]... مشكاة الصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنة، الفصل الثانى، ج1، ص55، حديث:175

[2]... صحيح ابن حبّان، كتاب: البر والاحسان، صفحہ: 250، حديث: 499۔

(4):الله پاڪ جو نالو وٺڻ بغير مثال طور بِسۡمِ اللهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي (5): جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَاالنَّبِیُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇو تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (6): جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ (7): جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي (8): جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي تہ سنت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي (9): جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي. (10): ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري کڙڪي يا گيلري وغيره مان جهاتي پائي ڏسڻ وقت ان ڳالھ جو خيال رکڻ گهرجي جو انهن جي گهرن ۾ نظر نہ پوي (11): ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان هن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي (12): واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي بهار شريعت جلد:3، حصہ:16 ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد فرمايو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.[1]

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي۔

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]… 550 سنتیں اور آداب، صفحہ: 11-13۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد